شمن جو وظيفو
جاسوسي ڪهاڻي
غلام مصطفیٰ مشتاق

شمن جو وظيفو

{جاسوسي ڪهاڻي}

غلام مصطفيٰ مشتاق

مهراڻ اڪيڊمي

حق ۽ واسطا محفوظ

ڇپائيندڙ	:	مهراڻ اڪيڊمي
نگراني	:	خالد ڀٽي
ڪمپوزنگ	:	اسٽار ڪمپوزرس شڪارپور
آپريٽر	:	شمس الدين ميمڻ
ڇاپو	:	چوٿون 1999ع
تعداد	:	٢ هزار

قيمت=/4 رپيا

ملڻ جو هنڌ

مهراڻ اڪيڊمي واڳڻودر شڪارپور

۽

سنڌ جا سمورا ڪتاب گھر

شمن جو وظيفو

رات جا ٻارهن وڳا هئا. چنڊ جون ٻه پويون تاريخون هيون، تنهنڪري ايتري ته اونده هئي جو هٿ ڏسي نه پئي سگهيس. مان اهڙي وقت ۾ قبرستان جي ٻاهران ڪچي رستي تي، نم جي هڪ وڻ جي ٿڙ سان ٽيڪ ڏئي ويٺو هيس. اهو قبرستان شهر کان ٿوري پنڌ تي هو. انڪري شهر جون هلڪيون روشنيون اتان به ڏسڻ ۾ پئي آيون منهنجي هٿ ۾ تسبيح ۽ ٻئي هٿ ۾ پاڻيءَ سان ڀريل هڪ لوٽو هو. مون گهڙيءَ گهڙيءَ اکيون بند ڪري، ملان شمن جو ٻڌايل وظيفو پئي پڙهيو ۽ وري اکيون کولي ان پاڻيءَ جي مٿان ڦوڪاريندو پئي ويس جيڪو لوٽي ۾ هو. اهو عمل مون ڇهين رات جو ٻارهين وڳي تائين اتي ڪرڻو هو ۽ ان کانپوءِ وري، اهو ساڳيو ئي عمل ويهي قبرستان جي اندر هڪ پراڻيءَ قبر جي ڀرسان صبح جو ٻانگ تائين

ڪرٽو هو.

اوهان ائين نہ سمجهجو تہ ڪو مان ايڏو دلير آهيان جو رات جي اونداهيءَ ۾ قبرستان جهڙي ڀوائتي جاءِ تي اڪيلو ويٺو هيس ۽ مونکي ڪو بہ ڀؤ ڪونہ ٿي رهيو هو. حقيقت ۾ منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. خوف کان منهنجو بدن ٻگهر جي ڪري آلو ٿي ويو هو. نرڙ تان ٻگهر جون بوندون سڪن ئي ڪونہ پيون. منهنجا ٻئي هٿ ۽ ٽنگون خوف وچان ٿڙڪي رهيا هيا پر جيئن تہ مان قرآن شريف پڙهيل آهيان ۽ ٿورو گهڻو حديث شريف جو مطالعو بہ ٿيل آهي، انڪري مونکي پڪ هئي تہ الله تعاليٰ ڪانسواءِ ڪوبہ ٻيو، نفعو نقصان پهچائي نٿو سگهي ۽ فقط هڪ خدا کان ڊڄڻ گهرجي. اهي ڳالهيون ياد ڪري مونکي ڪجهہ ڪجهہ حوصلو آيو پئي ۽ مان وري وظيفي پڙهڻ ڪي لڳي پئي ويس.

دوستو ! اوهان ٿورو خيال تہ ڪريو تہ اڌ رات جي اونداهي هجي، ويران ۽ سنسان قبرستان جهڙو هنڌ

هجي ۽ ننڍو نينو اسڪول پڙهندڙ هڪ چوڏهن پندرهن سالن جو نينگر هجي، چوڌاري ويراني ئي ويراني هجي، ڪٿ ۽ گدڙن جون اونائيون هجن ۽ رکي رکي انهن ۾ ٻئي ڪنهن جانور جو آواز به شامل ٿي وڃي ته پوءِ توهان ئي ٻڌايو ته ماحول ۾ ماڻهو ڪيترو به بهادر هجي، مشڪل سان ترسي سگهندو. پر ڇا ڪجي، مجبوري هئي.

شمن چيو هو تہ مهيني جي پوئين ٽن اونداهين راتين ۾، جن ۾ چنڊ لڪي ويندو آهي، مونکي لڳاتار اهو وظيفو قبرستان جي ٻاهر ۽ اندر پڙهڻو آهي. ملان شمن اهو بہ چيو هو تہ جيڪڏهن وچ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي يا وظيفو ڇڏيو ويو تہ پوءِ اثر ڪونہ ٿيندو ۽ مونکي روحاني طاقت نصيب ڪونہ ٿيندي، اهي ڳالهيون سوچي، الله کي ياد ڪري، مان وظيفو پڙهڻ ۾ لڳي ويس. اڄان تہ اڄ پهرين رات هئي.

ڳالهہ دراصل هيئن آهي ۽ اوهان مان ڪن دوستن کي خبر بہ هوندي تہ مونکي ننڍي هوندي کان ئي جاسوسي ڪهاڻين پڙهڻ جو گهڻو شوق آهي، انهن ڪهاڻين کي پڙهندي پڙهندي مان پاڻ کي بہ هڪ وڏو جاسوس سمجهڻ لڳس. منهنجا ڪجهہ ڪارناما اوهان اڳ ۾ بہ پڙهيا هوندا. اهي ڪارناما، حقيقت ۾ مون ڄاڻي واڻي ڪونہ ڪيا هيا پر مونکان ٿي ويا هئا. ٻين کي تہ خبر ڪونہ هئي، ماڻهو تہ ائين پيا سمجهن تہ مان هڪ وڏو دلير ۽ حوصلي وارو نينگر آهيان ۽ چورن، ڌاڪن،

اسمگلرن، ۽ ملڪ دشمن ماڻهن جو جاني دشمن آهيان، ڇو تہ اڳين واقعن ۾ مون ڪجهہ چورن ۽ نشي وارين شين جي اسمگلرن کي گرفتار بہ ڪرايو هو، تنهنڪري ماڻهو مونکي وڏو جاسوس سمجهڻ لڳا هيا. شهر جي پوليس بہ منهنجي عزت ڪرڻ لڳي هئي. ڪن ڪن جي اکين ۾ مان ڪنڊي وانگر چڀڻ بہ لڳو هيس. چاڪاڻ جو انهن غنڊن، چورن ۽ اسمگلرن جي جهلجي پوڻ ڪري انهن جي رزق کي ڪجهہ ڌڪ لڳو هو. سچ پڇو تہ مونکي اهڙن ماڻهن جي ڪابہ پرواهہ ڪونہ هئي چاڪاڻ جو پوليس جا وڏا آفيسر توڙي ننڍا آفيسر ۽ سپاهي، جيڪي ملڪ جا خيرخواه هئا، اهي مون منجهان راضي هئا، ۽ منهنجي آخري ڪارنامي تي تہ مونکي انسپيڪٽر سليم، حڪومت پاران ہلو بہ ڏنو هو ۽ سرڪار جي طرفان شاباس جو هڪ سرٽيفڪيٽ بہ مونکي ڏنو ويو هو. چوندا آهن تہ شر ۽ برائي ٿوري هجي تڏهن بہ انکان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ انکان بچڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ گهرجن، سو منهنجي ڪارنامن جي ڪري

جتي منهنجا سڄڻ ۽ دوست پيدا ٿيا هئا ته اتي ڪي منهنجا دشمن به ٿي پيا هئا. انڪري ملان شمن مونکي چيو هو ته اهڙن معاملن ۾ دماغ ۽ جسماني طاقت سان گڏ ڪجهه روحاني طاقت جو هجڻ به ضروري آهي، ته جيئن دشمن جو مقابلو چڱيءَ طرح ڪري سگهجي. انڪري هن مونکي هڪ وظيفو ڏئي چيو هو ته مهيني جي آخري ٽن اونداهي راتين ۾ قبرستان جي اندر ۽ ٻاهر اهو وظيفو ٻاٽيءَ جي مٿان پڙهندو وڃان ۽ ٽن راتين کان پوءِ ان لوٽي مان اڌ پاڻي پي وڃان ۽ باقي اڌ پاڻي، ٻئي پاڻيءَ سان ملائي، ان سان وهنجان. ائين ڪرڻ سان مون ۾ روحاني طاقت به پيدا ٿيندي ۽ مون تي ڪوبه زهر يا ڏک وغيره اثر ڪونه ڪندو.

رات جو ٻارهين وڳي ڪانپوءِ ان وڻ هيٺيان اٿي، مان قبرستان ۾ اندر داخل ٿيس ۽ ڏينهن جو جيڪا ڦٽل قبر ڏسي ويو هيس ان جي پرسان وڃي ويٺس. رات جي اونداهيءَ ۾ ڦٽل قبر جي پرسان ويهي، مان پاڻ کي به هڪ مردو سمجهي رهيو هيس. هڪ دل پئي چوي

تہ پيچي وچان پر ٻي دل پئي چوي تہ اڙي چريو آهين ڇا! پيچي ويندين تہ روحاني طاقت ڪٿان حاصل ڪندين؟. دل ٻَڌ، ڪهڙي وڏي ڳالھہ آهي! وري خيال پئي آيو تہ جيڪڏهن ڪنهن قبر مان مردو اٿي پيو تہ!؟ اهو سوچي وري پاڻ تي ڪل بہ پئي آئي تہ مردا بہ ڪي قبرن مان اٿندا آهن ڇا؟ بهرحال جيئن تيئن ڪري دل پڪي ڪري ملان شمن جو ڏسيل وظيفو وري پڙهڻ شروع ڪيم. عجيب قسم جو وظيفو هو. لفظ تہ سمجھہ ۾ ڪونہ پئي آيا پر جيئن تہ سر ۾ هيا ان

ڪري ڪنڌ ڏوٽيندي پڙهندو پئي ويس.

خدا خدا ڪري پهرين رات گذري وئي ۽ پوءِ ٻي رات بہ اهڙي نموني گذري ڪو خاص واقعو ڪونہ ٿيو، سواءِ ان جي جو ٻي رات جو ٻارهين بجي ڪانپوءِ جيئن ئي قتل قبر جي ڀرسان وينو وظيفو پڙهي رهيو هيس........ پر ٿهيو اهو واقعو اوهان کي ڪونہ ٿو ٻڌايان..... ٻڌايان..... نہ نہ ! ڪونہ ٿو ٻڌايان.... اوهان واعدو ڪريو تہ ٻئي ڪنهن کي ڪونہ ٻڌائيندا.... واعدو؟..... ٺيڪ آهي تہ پوءِ ٻڌايان ٿو.

رات جو هڪ ڪن ٿيو هوندو، مان وظيفي پڙهڻ ۾ صفا محو ٿي ويل هيس. منهنجو ڪنڌ ائين جهومي رهيو هو، چڻ تہ مان قلندر جي ڌمال هڻي رهيو هجان. اوچتو مونکي ائين محسوس ٿيو تہ چڻ ڪو منهنجو هڪ پير چٽي رهيو هجي. مان هڪدم گهبرائجي ويس. مون سمجهيو تہ ڪو مردو قبر مان اٿي آيو آهي ۽ هينئر منهنجو خير نہ آهي. وظيفو ڪندي مون کي ڏيڍ رات تہ گذري چڪي هئي ۽ ايترو عرصو ويران قبرستان

۾ قبرن جي وچ ۾ ويهڻ ڪري ڪجهه دل ٻه پڪي

ڪري چڪو هيس، پر تنهن هوندي به مونکي پڳهر وٺي ويو. دل ئي دل ۾ پڙهڻ لڳس ملان شمن کي، جنهن جي چوڻ تي خواه مخواه پنهنجي جان ڦاسائي هيم. منهنجي هٿ ۾ تسبيح ايئن کڙڪڻ لڳي، جيئن

سياري ۾ ڏند ڪڙڪندا آهن. اها حالت مونتي ٿوري وقت لاءِ رهي ۽ پوءِ منهنجا عضوا جواب ڏئي ويا. منهنجي حالت اڌ بيهوش ماڻهوءَ جهڙي ٿي وئي. منهنجا لڱ چرڻ ئي ڪون پيا. صرف دماغ محسوس ڪري رهيو هو ته اهو مردو چٽيندي چٽيندي پهريائين منهنجي گوڏن تائين آيو، پوءِ پيٽ کان ٿيندو منهنجي سيني تي اچي، پنهنجا ٻئي چنبا ڪوڙي بيهي رهيو ۽ ڪجهه سنگهڻ لڳو. اوچتو منهنجو سينو پاڻي سان آلو ٿي ويو. ائين لڳو ڄڻ ڪنهن گرم پاڻيءَ جو جڳ منهنجي سيني تي هاريو هجي. گرم پاڻي پوڻ جي ڪري مونکي ڪجهه سامت آئي ۽ منهنجا عضوا چرڻ لڳا. مونکي چرندو ڏسي اهو مردو پڇڻ لڳو. سندس پڇڻ تي مونکي ڪجهه آسرو ٿيو ۽ اکيون کولي مان اوڏانهن ڏسڻ لڳس، جيڏانهن مردو ڀڳو هو. پر هي ڇا؟! هي مردو ته ڪونه هو. هي ته ڪتو هو، جيڪو مونکي بيهوش يا مردو سمجهي منهنجي مٿان ..... ! بس وڏيڪ اوهانکي ڇا ٻڌايان ته ڪيئن مان تڪڙ تڪڙ ۾

پرسان وهندڙ واهيءَ مان پنهنجو سينو بہ ڌوتو تہ قميص بہ ڌوئي پاڪ ڪئي تہ جيئن مقرر وقت ۾ پنهنجو وظيفو پورو ڪري سگهان! ڏسو ! اها ڳالهہ مون اوهانکي ٻڌائي آهي، ٻئي ڪنهن کي نہ ٻڌائجو.

خير سائين، الله الله ڪري تي راتيون اچي پوريون ٿيڻ واريون هيون. مون بہ وڏي مڙسيءَ کان ڪم ورتو هو. بس هي ٽين رات جو آخري اڌ ڪلاڪ هو. ڪجهہ ئي وقت کانپوءِ اذان اچڻ وارو هو ۽ منهنجي تڪليفن جو خاتمو ٿيڻ وارو هو. هاڻي مان ڏسندس تہ چور، ڌاڪو ۽ ٻيا ملڪ دشمن ماڻهو ڪيئن ٿا مونسان هٿ اٽڪائين.

قبرستان جو ماحول ۽ صبح جو وقت ٿڌڙي ٿڌڙي هير هلي رهي هئي، تہ ايتري ۾ منهنجي ڪنن تي اذان جو آواز پيو. منهنجي جسم ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. منهنجي وظيفي جو وقت پورو ٿي چڪو هو ۽ هاڻي مان، ملان شمن جي چوڻ مطابق روحاني طاقت جو مالڪ بڻجي چڪو هيس. ها باقي رڳو وظيفي وارو

پاڻي پيئڻ ۽ ان سان وهنجڻ جي دير هئي. منهنجي دل ۾ سوين قسم جا خيال اچڻ لڳا. طرحين طرحين جا منصوبا ٺاهڻ لڳس ته هاڻي مان هڪ وڏي جاسوس هجڻ سان گڏ روحاني طاقت جو به مالڪ آهيان، تنهنڪري چورن، ڌاڙيلن ۽ سمگلرن جي اڏن ۾، بنا خوف ۽ خطري جي ڪِهڙي ويندس ۽ انهن کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪندس. سڀ کان اڳ ۾ ته مان انهن ڏاڙيلن جو ستياناس ڪندس، جيڪي ڪجهه رپيـن جي لالچ تي ماڻهن کي ڪٽي ٿا وجن. پٽن کي پيءُ ماءُ کان جدا ٿا ڪن ۽ پيءُ کي پنهنجي اولاد ۽ گهروارن کان جدا ٿا ڪن. انهن ظالمن کي ذرو به ترس ڪونه ٿو پوي ته جڏهن ڪنهن گهر جو ڀاتي ڪجي وڃي ٿو ته ان گهر سان ڪهڙي ويڌن ٿئي ٿي. هنن کي ته رڳو پئسو گهرجي. حالانڪ هو اهو نٿا سمجهن ته هيءَ دنيا، بقول شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي، ”ماڻجهادي جو ماڳ“ آهي ۽ هر ڪنهن کي جلد ئي هيءَ دنيا ڇڏڻي، الله تعالي

جي درٻار ۾ حاضر ٿيٽو آهي ۽ اتي پنهنجن ڪمن جو حساب ڪتاب ڏيٽو آهي. مان انهن کي ڪونہ ڇڏيندس، اهو سوچي منهنجي هٿن جون آڱريون ڀڪوڙجي ويون ۽ منهن ڳاڙهو ٿي ويو.

مان انهيءَ ئي طاقت ۾ ان قِتل قبر جي ڀرسان، وڻ سان ٽيڪ ڏئي ويٺو هيس. پاڻيءَ جو لوٽو منهنجي ڀرسان پيو هو ۽ تسبي منهنجي هٿ ۾ ئي هئي تہ اوچتو مان ڪجهہ ماڻهن جي هلڻ جو آواز ٻڌو. منهنجون اکيون پٽجي ويون. مون ڏٺو تہ سامهون ٻن قبرن جي وچ ۾ ڪجهہ ماڻهو بيٺا آهن ۽ انهن مان هڪ هڪ تي گم ٿيندو ٿو وڃي. جيئن تہ اجان هينئر اذان ئي آئي هئي ۽ سج اُڀرڻ ۾ دير هئي، تنهنڪري قبرستان ۾ اونده هئڻ ڪري اهي ماڻهو مونکي ڏسي نہ سگهيا هئا. پهريون تہ مان ڊڄي ويس پر پوءِ اوچتو منهنجي ذهن ۾ ملان شمن جو وظيفو تَري آيو. مان هڪدم لوٽو کڻي پاڻي پي ويس ۽ باقي اڌ کڻي پنهنجي مٿان هاري ڇڏيم. وظيفي جو آخري شرط بہ پورو ٿي

چڪو هو، انڪري منهنجي دل مان هر قسم جو خوف ۽ ڊپ نڪري ويو. منهنجي ڏسندي ئي ڏسندي آخري ماڻهو به اتي بيٺي گم ٿي ويو. مان هڪدم پنهنجي جاءِ تان اٿي ڪڙو ٿيس ۽ آهستي آهستي هلندو، انهن قبرن جي پرسان اچي بيٺس، جتي اهي ماڻهو غائب ٿيا هئا. مون ڏٺو ته انهن ئي قبرن مان هڪ قبر جي وچ تان مٿي هٿيل هئي ۽ ڪاٺيءَ جو هڪ تختو صاف نظر

اچي رهيو هو. منهنجي دل ۾ جيئن تہ هاڻي ڪنهن ٻہ قسم جو ڀوُ يا خوف ڪونہ هو، تنهنڪري مان ان تختي جي هڪ پاسي کي مٿي ڪڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سولائي سان اهو تختو در وانگر مٿي کڄي آيو. ان در جي هيٺان مونکي ڪچا ٿهيل ڏاڪا ڏسڻ ۾ آيا.

الله بزرگ ۽ برتر جو نالو وٺي مان انهن ڏاڪن تان آهستي آهستي هيٺ لهڻ لڳس. ڇهن سٺن ڏاڪن کان پوءِ ٻنا دروازي جي هڪ دَرُ ڏسڻ ۾ آيو. مان نهايت خبرداريءَ سان ان در مان اندر جهاتي پائي ڏٺي. ڇا ٿو ڏسان تہ سبحان الله ! هڪ وڏو هال آهي، جنهن ۾ اندر ڪيترائي بلب لڳل آهن. انهن بلبن مان هلڪو هلڪو آواز اچي رهيو هو. ان هال ۾ هرطرف وڏا وڏا ڪوڪا ۽ ڳوٺيون پيون هيون. هڪ ڪنڊ ۾ مونکي ڪيترائي هٿيار بہ ڏسڻ ۾ آيا. هال جي وچ ۾ هڪ وڏي ميز پيل هئي، جنهن جي چوڌاري پيل ڪرسين تي اهي ماڻهو ويٺا هئا، جن کي مون مٿي قبرستان ۾ ڏٺو هو. مان سمجهي ويس تہ هي چورن، ڌاڪن ۽ ڦورن

جو هڪ وڏو اڏو آهي. ان اَڏي ۾ هو پنهنجو چوري ڪيل مال ۽ اسمگلنگ جو سامان اچي لڪائيندا آهن ۽ اتان پوءِ آهستي آهستي ڪِنهِي شهرن ۾ هلائيندا آهن. ٿورو وقت گذريو تہ اهي ماڻهو ڪرسين تان اٿي، هيٺ تڏن تي پيل رلهين ۽ وهاڻن تي ليٽي پيا. مان خيال ڪيو تہ اهي چور شايد رات جو چوري ڪري، صبح جو اچي اتي سامان بہ رکندا آهن ۽ آرامي بہ ٿيندا آهن. مونکي اها بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ جيڪي هاڻي سمهيا آهن، اهي ٽي چار ڪلاڪ ضرور آرام ڪندا يا شايد سڄو ڏينهن اتي هجن ۽ پوءِ وري رات جي انڌيري ۾ ٻاهر نڪرن. ان ڪري موقعو سٺو آهي. مونکي گهرجي تہ انسپيڪٽر سليم کي وڃي سڄي ڳالهہ ٻڌايان ۽ ڇاپو هڻائي انهن ڦورن کي پڪڙايان.

اهو سوچي مان آهستي آهستي ڏاڪا چڙهي، تختو پري ڪري، قبر مان نڪري آيس. قبر مان نڪري مان تختو پنهنجي جاءِ تي رکيو ۽ انجي مٿان مٽي وجهڻ لڳس. مان اجان مٽي وجهي ئي رهيو هيس تہ ايتري ۾

قبرستان جو رکوالو اچي پهتو. مونکي اکيلو قبر جي پرسان ڏسي ۽ منهنجا هٿ مٿيءَ سان پريل ڏسي هڪدم مونکي پڪڙي وٺي دانهون ڪرڻ لڳو ته پهچو، پهچو، هي چوڪرو قبر کوٽي، مُردي جو ڪفن چورائي رهيو آهي. مان گهڻو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ماڻس ته مان ڪفن چور نه آهيان پر هڪ جاسوس آهيان. اهو پڌي هو ويتر وڏيڪ رڙيون ڪرڻ لڳو. سندس رڙين تي پرسان لنگهندڙ ڪجهه واٽهڙو به اچي پهتا. انهن کي جو خبر پئي ته ڪفن چورائي رهيو هيس، ته مونتي مڪن، چپاٽن، لتن ۽ ٺونشن جو وسڪارو لائي ڏنائون. مان دانهون به ڪندو رهيس ۽ مار به کائيندو رهيس. چڱي ڀلي مار ڪڍڻ کانپوءِ اهي ماڻهو مون کي ٿاڻي تي وٺي ويا. اهي منهنجا ڀاڳ چئبا جو ان ٿاڻي تي انسپيڪٽر سليم جي ڊيوٽي هئي. سليم صاحب جو مونکي ڏٺو ته اٿي بيٺو ۽ حيران ٿي پڇيائين ته اوهان جي هيءَ حالت ڪنهن ڪئي آهي؟. مون اڪيلائپ ۾ ڪيس سڄي ماجرا ڪري ٻڌائي انسپيڪٽر

سليم، انهن ماڻهن کي پڇائي ڪيو ۽ هڪدم هڪ وڏي اتالي سان قبرستان پهتو. مان به هن سان گڏ هيس. مان سليم صاحب کي اها قبر ڏيکاري. سليم صاحب جي اشاري تي هڪ سپاهيءَ قبر تان متي هٽائي، تختو پري ڪيو. پوليس جو عملو انتهائي خاموشيءَ ۽ خبرداريءَ سان قبر ۾ داخل ٿي، ان هال ۾ پهتو. جيئن تہ اهي ڏاڙيل سڄي رات جا ٿڪل هئا، انڪري ان وقت بہ بي خبر ستا پيا هئا. پوليس انهن کي بنا ڪنهن مقابلي جي جهلي ورتو.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ انهن ڏاڙيلن جا سرپرست پاتاريدار جيڪي وڏا ماڻهو هئا ۽ سماج ۾ وڏي عزت وارا ليکبا هئا، انهن ڏاڙيلن جي ڏسڻ تي، اهي پڻ پڪڙايا ويا. ان قبر واري هال مان پوليس کي نشي وارين شين، چوريءَ جو مال ۽ هٿيارن جو وڏو ذخيرو هٿ آيو ۽ اهڙي نموني اسانجو ديس هڪ وڏي سماجي تباهيءَ کان بچي ويو. هن ڀيري بہ حڪومت طرفان مونکي شاباس جو سرٽيفيڪيٽ ۽ هڪ سونو

ٻلو ڏنو ويو. جنهن وقت هڪ وڏي ميڙ ۾ حڪومت جو نمائندو مونکي اهو سونو ٻلو ڏئي رهيو، ان وقت منهنجي دل ۾ تہ خوشيءَ جون لهرون ڊوڙي رهيون هيون پر منهنجي جسم جو جوڙ جوڙ ڏکي رهيو هو، جو اڃان قبرستان واري مار جا ڦٽ ڇٽا ئي ڪونہ هيا. حقيقت ۾ غلطي منهنجي هئي جو مان ملان شمن جي چوڻ تي روحاني طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ وظيفو شروع ڪيو هو، حالانڪہ طاقت جو سرچشمو صرف الله تعالي جي ذات آهي اهوئي ڏيڻ وارو ۽ اهوئي کسڻ وارو آهي. وظيفن کي ڪهڙي طاقت آهي..... پر هڪڙي ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن مان اهو وظيفو پڙهڻ لاءِ قبرستان ۾ وڃي نہ ويهان ها تہ اهي ديس جا دشمن، اسمگلر ۽ ڌاڙيل ڪيئن پڪڙجن ها ! انڪري تہ چوندا آهن تہ خدا جي هر ڪم ۾ ڪانہ ڪا حڪمت هوندي آهي.

مون جاسوسي ڪئي

ڪجهہ ڏينهن اڳ جي ڳالهہ آهي تہ دستور مطابق مان شهر جي گهٽين ڪي لتاڙي ناس ڪري رهيو هوس. منهنجيون اکيون هيڏي هوڏي ڀٽڪي رهيون هيون. مونکي گهٽين مان لنگهندڙ ماڻهو تہ نهيو پر ڪتا ۽ ٻلا بہ مجرم لڳي رهيا هئا، جو جاسوسي قانون مطابق دنيا جي هر ماڻهوءَ کي جڏهن شڪ جي نگاهن سان ڏسبو تڏهن وڃي اصل مجرم هٿ ايندو آهي. خير ! ڪجهہ گهٽيون لتاڙي هڪ وڏي ۽ ويڪري گهٽيءَ مان گذري رهيو هوس تہ ڪٻي پاسي هڪ پپل جي وڻ هيٺان هڪ ماڻهو بيٺل نظر آيو. ماڻهو تہ عام طور تي وڻن جي هيٺان بيٺا هوندا آهن ۽ ان ۾ ڪا خاص ڳالهہ ڪونہ هئي پر مونکي شڪ تڏهن پيو جڏهن هڪ ٻيو نوجوان ڇوڪرو ان ماڻهوءَ وٽ اچي بيٺو ۽ هيڏي هوڏي نهاري ان ڇوڪري پنهنجي کيسي مان مٺ ڪڍي ان ماڻهوءَ



ٺانهن وڏائي ۾ هن بہ هيڏي هوڏي ڏسي ان ڇوڪري جي مٺ مان ڪجهہ ورتو ۽ وري پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وجهي، ڪا شيءِ ڪڍي ان نوجوان کي ڏني. نوجوان اها شيءِ وٺي، بنا ڪجهہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي روانو ٿي ويو. منهنجي ذهن ۾ آنڌ مانڌ مچي وئي. منهنجي ڪَنِ ۾ ڦڙڪڻ لڳي. منهنجي ڪَنِ ۾ اک تڏهن ڦڙڪندي آهي، جڏهن ڪا خاص ڳالهہ ٿيندي آهي يا ٿيڻ واري هوندي آهي. مان سمجهي ورتو تہ ضرور دال ۾ ڪجهہ ڪارو آهي.

مون پنهنجو کيسو ڦولهيو تہ هڪ روپئي جا ٻہ نوٽ نڪري آيا. مون اهي ٻہ نوٽ مٺ ۾ پڪوڙيا ۽ آهستي آهستي هلندو ان ماڻهوءَ وٽ پهتس. اهو ماڻهو مونکي ڏسي ڪجهہ پريشان ٿي ويو، جو شايد مان هن لاءِ بلڪل نئون هوس. مون مٺ اڳتي وڌائي. اهو ڏسي هن بہ پنهنجو هٿ اڳتي وڌائي مون کان رقم ورتي. نوٽ وٺڻ ڪانپوءِ هن جو شڪ اجان بہ پختو ٿي ويو جو اها سندس گهربل رقم ڪونہ هئي. هن وٽ ايندڙ گراهڪن کي خبر هئي تہ ڪيترو ڏيڻو آهي ۽ ڇا وٺڻو آهي، پر مونکي تہ خبر ڪونہ هئي. هيڏي هوڏي ڏسي هن سٺ ڏئي منهنجي ٻانهن کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ چوڻ لڳو، "ڪير آهين تون ۽ توکي ڪنهن موڪليو آهي؟"

"مونکي... مونکي ڪنهن بہ نہ موڪليو آهي. مان تہ پاڻ آيو آهيان!" مان منجهي منجهي جواب ڏيڻ لڳس.

"توکي جيڪڏهن ڪنهن بہ نہ موڪليو آهي تہ پوءِ تون مون وٽ ڪيئن پهتين؟ ٻڌاءِ نہ تہ ...." تقڙ اولاري.

مان ڏکي ويس ۽ پيو ڪجهہ نہ پڳو تہ روئڻ لڳس. هن ماڻهوءَ منهنجي وات کي هٿ ڏنو ۽ مونکي گود ۾ کڻي، هڪ ٻي گهٽيءَ جي هڪ وڏي دروازي ۾ داخل ٿي، مونکي اندر وٺي ويو. مان ڏٺو تہ اندر هڪ ڪوٺي ٺهيل هئي. جنهن ۾ کٽ تي هڪ وڏين مڇين وارو ماڻهو ويٺو هو ۽ ان جي چوڌاري ڪجهہ ٻيا ماڻهو بيٺا هئا.

اسانکي ڏسي ان مڇڻ واري دانهن ڪري چيو، ”اڙي ربو! اهو وري ڪنهن کي وٺي آيو آهين؟“ مان سمجهيو تہ مونکي آٽيندڙ جو نالو ربو هو.

”استاد ! هي ڇوڪرو پوليس جو جاسوس آهي.“

”اڙي توکي ڪيئن خبر پئي تہ هي ڇوڪرو پوليس موڪليو آهي؟“

”استاد ! هن کي هيروئن جي پڙيءَ جي قيمت جي خبر ڪونہ آهي ۽ نہ هن کي مان اڳ ۾ ڪڏهن ڏٺو آهي. ٻيا ڇوڪرا بہ سڀ ڏينهن گهٽيءَ ۾ ايندا ويندا رهن ٿا پر ڪوبہ ويجهو نہ ايندو آهي، جو انهن کي

خبر ئي نہ هوندي آهي تہ مان هتي چو بيٺو آهيان. اڄ هي ڇوڪرو ٻين وانگر هيروئن وٺڻ لاءِ منهنجي آڏو اچي بيٺو. استاد ! مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن مان هن کي پڙي ڏيان ها تہ پڪ هي پوليس وارن کي وڃي ڏي ها ۽ پوءِ ......"، ربو يڪ ساهيءَ ۾ سڀڪجهہ چئي ويو ۽ اتي مونکي خبر پئي تہ اهو ربو هيروئن وڪڻي رهيو هو ۽ هي سندس اڏو آهي. مان اخبار ۾ هيروئن بابت پڙهيو هو تہ ڪيڏي نہ خراب شيءِ آهي ۽ ڪيئن اسانجا نوجوان ان جا عادي بڻجي پاڻ کي تباهہ ڪري رهيا آهن. هي هيروئن جا واپاري قوم ۽ ملڪ جا دشمن آهن.

"ڇورا! سچ ٻڌاءِ توکي ڪنهن موڪليو آهي؟" استاد رڙ ڪري مونکي چيو.

"سائين ! اوهان مونکان قسم وٺو تہ ڪنهن بہ نہ موڪليو آهي ۽ نہ منهنجو پوليس سان ڪو تعلق آهي. مان تہ ماڻهن کي هن شخص کان ڪجهہ وٺندي ڏٺو ۽ مون سمجهيو تہ کائڻ جي ڪا شيءِ وڪڻي رهيو آهي.

سائين ! جيڪڏهن مونکي پوليس موڪلي ها تہ پئسا تہ پورا ڏئي موڪلي ها يا منهنجي پويان هجي ها ۽ هن وقت تائين هٿ پهچي بہ وڃي ها.“ مان بہ هڪدم پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو، جو مونکي ڊپ هو تہ اهي بدمعاش مونکي ماري نہ ڇڏن.

”يار ربو! هي ڇوڪرو چئي تہ سچ ٿو. ٻيلي ! هن کي تون اجايو وٺي آيو آهين. هن کي وڃي ڇڏي اچ.“ استاد ربوءَ کي چيو ۽ پوءِ وري مونڏي منهن ڪري چيائين، ”ڇوڪرا ! توکي خبر آهي تہ هيروئن ڇا ٿيندي آهي؟“

”ها سائين ! مونکي خبر آهي تہ هيروئن فلمن ۾ هيرو سان گڏ ڪم ڪندي آهي.“ منهنجي ان معصوميت واري جواب تي سڀ کلڻ لڳا.

ٿوري وقت کان پوءِ ربو مونکي ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڇڏي ويو ۽ منهنجا پہ روپيہ بہ مونکي موٽائي ڏنائين. مان تڪڙو تڪڙو گهر اچي پهتس ۽ بابي کي سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. ان ڏينهن شام جو منهنجي ٻڌايل

پتي تي هيروئن وڪڻندڙن جي اڏي تي زبردست ڇاپو لڳو، جنهن ۾ استاد ۽ ربوءَ سان گڏ پندرهن ٻيا ماڻهو به گرفتار ٿيا ۽ ٻه ٽي ڪلو هيروئن هٿ آئي. اها خبر اوهان اخبارن ۾ به پڙهي هوندي. ان ڪامياب ڇاپي تي پوليس انسپيڪٽر مسٽر عنايت کي تحسين جو سرٽيفڪيٽ مليو ۽ مسٽر عنايت وري خوش ٿي بابي ۽ منهنجي شان ۾ هڪ زبردست دعوت ڪئي، جتي هن مونکي تمام گهڻو ساراهيو ۽ پنج سو روپيه پنهنجي طرفان مونکي انعام طور ڏنا.

ڏاهپ جا نقطا

١. جنهن علم جو رستو اختيار ڪيو ان جنت جو رستو اختيار ڪيو. (رسول الله ﷺ)

٢. جيڪو الله جي ڪمن ۾ لڳي ويجي ٿو، الله تعاليٰ انهيءَ جي ڪمن ۾ لڳي ويجي ٿو.

(حضرت ابوبڪر صديق رض)

٣. گناهہ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ دل کي بي چين ڪندو آهي. (حضرت عثمان غني رض)

۴. چار شيون اهڙيون آهن، جيڪي ٿوڙيون بہ تمام گهڻيون هونديون آهن. درد، حاجت مندي، باهہ ۽ دشمني. (حضرت علي رض)

۵. جڏهن ڪم زياده هجي تہ سڀ کان پهريائين اهو ڪم ڪيو جيڪو سڀ کان وڏيڪ اهم هجي.

(امام شافعي رحہ)

٦. علم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ميڻ بتيءَ وانگر

ڳاريو. (شيخ سعدي رح)

٧. ڪنهن بي ڪار ماڻهو کي روزگار تي لڳائڻ جهجهي خيرات ڪرڻ کان بهتر آهي.

٨. پنهنجو سڌارو سڀ کان مشڪل، ۽ ٻين تي تنقيد سڀ کان آسان آهي.

٩. دوستن وانگر ڪتابن جي چونڊ بہ پوري احتياط سان ڪرڻ کپي.

١٠. جيڪڏهن اسان نيڪ رستي تي هلون تہ رب تعاليٰ اسانجي مدد ڪري ٿو.

شان محمد مصطفي ﷺ

ٻي جنگ عظيم زورن تي متل هئي. جنگ سبب هر طرف تباهي ۽ بربادي پکڙجي چڪي هئي. آدم جي اولاد جا ٽُڪرَ چئني پاسن کان ٽڙيل پکڙيل هئا. هر انسان خوف زده ۽ پريشان هو، هر ڪچهريءَ ۾ اهو ئي بحث ٿي رهيو هو ته هاڻي ڇا ٿيندو؟

اهڙي ئي ڪنهن مجلس ۾ هڪ عظيم مفڪر، مجيل ڏاهو ۽ دنيا جو مشهور دانشور جارج بونا ڊشا ويٺو چانهه پي رهيو هو. ماڻهن پڇيس: ”هر طرف تباهي متل آهي، هزارين مسئلا وڪوڙي ويا آهن، تون هڪ مجيل دانشور آهين. انهن مسئلن جو حل ٻڌاءِ.“ جارج اعتماد ڀري لهجي ۾ چيو، ”جيڪڏهن هن زماني ۾ محمد ﷺ پيدا ٿي پون ته دنيا جا سمورا مسئلا ايتري وقت ۾ حل ٿي وڃن، جيترو وقت منهنجو چانهه جي هڪ ڪوپ پيئڻ ۾ لڳندو.“

ٻارن لاءِ دلچسپ ڪهاڻيون

زهريلا نانگ احمد مرتضيٰ "لالا"	حجم ۽ ديو عبدالرحمن جتوئي
ٺهڪ ئي ٺهڪ محمد صالح ڪهڙو	گهامڻ خان انجنيئر عبدالمالڪ
گدڙ ۽ جهرڪي نذير احمد "ناز"	چئن سالن جو پوڙهو خالد يٽي
ييندو بادشاهه انجنيئر عبدالمالڪ	پوڙهو جن محمد صالح ڪهڙو
شام جا ٽڳ محمد صالح ڪهڙو	سچا ٻول سردار احمد
شمن جو وظيفو غلام مصطفيٰ مشتاق	شيطان جون ڪهاڻيون خالد سيف الله يٽي
ٽي ساڙيل عبدالرحمن جتوئي	جيڪو پيءُ ڪي پڳ ٻڌائي عبدالغفار ڍڪڻ سومرو
جادوءَ جو ڏنڊو عبدالجبار "عبد"	پراسرار حويلي عبدالجبار "عبد"
سياڻو گدڙ عبدالرحمن جتوئي	گاموءَ جا گفتا انجنيئر عبدالمالڪ

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ
کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ
اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙھي سماجي حالتن کي بھتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنھنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گھرج necessity unavoidable سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڙھڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڙھڻَ، پڙھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا، بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا ٿوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منھنجا ياءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلھي پاتم ڪينرو)